**ACADEMIA International Journal for Social Sciences**
**Volume 3, Issue 2, 2024 ISSN-L (Online): 3006-6638**

# اسماعيلي پرچارڪ ۽ سندن مذهبي شاعري

# Ismaili Missionaries & Their Devotional Poetry

**Dr. Ghulam Mustafa Solangi**
Executive Producer, Pakistan Television Corporation
**Corresponding Author: * Dr. Ghulam Mustafa Solangi** gm218599@gmail.com

**Received:** 06-11-2024 **Revised:** 23-11-2024 **Accepted:** 04-12-2024 **Published:** 12-12-2024

## ABSTRACT

*This study examines the historical presence, missionary activities and literary legacy of Ismaili missionaries in Sindh, with particular emphasis on their devotional poetry known as Ginān. Sindh has historically been a culturally plural and spiritually receptive region, providing fertile ground for diverse Islamic traditions, including Ismaili Shiʿism. From as early as the medieval period, Ismaili dāʿīs (missionaries) played a significant role in disseminating religious teachings through localized cultural and linguistic forms. Rather than relying solely on doctrinal instruction, these missionaries adopted an inclusive and dialogical approach, engaging deeply with indigenous traditions, languages, and symbols. A central instrument of Ismaili missionary work in Sindh was Ginān—a corpus of sacred hymns composed primarily in Sindhi and related vernaculars such as Gujarati, Siraiki, and old Hindi. These poetic compositions were attributed to revered Ismaili figures including Pir Sadr al-Din, Pir Hasan Kabir al-Din, and other pirs associated with the Satpanth tradition. Ginān functioned as both theology and pedagogy, conveying complex Ismaili concepts such as ta'wīl (esoteric interpretation), nūr (divine light), imāmat, and spiritual salvation through accessible poetic idioms. The study highlights how Ginān served as a bridge between Islamic metaphysics and local South Asian religious sensibilities. Drawing upon imagery from Hindu bhakti traditions, Sufi symbolism, and folk cosmologies, these hymns facilitated spiritual comprehension among diverse communities without demanding abrupt cultural rupture. This syncretic strategy not only ensured the transmission of Ismaili beliefs but also contributed to Sindh's broader tradition of mystical and devotional poetry. Furthermore, the research situates Ginān within the wider socio-religious context of Sindh, emphasizing its role in community formation, ritual practice, and ethical instruction. Recited collectively in jamāʿat khānas and communal gatherings, Ginān fostered a shared spiritual memory and reinforced communal identity across generations. The performative and oral nature of this poetry underscores its significance as a living tradition rather than a static literary artifact. By analyzing historical sources, oral traditions, and selected textual examples, the study argues that Ismaili missionaries in Sindh exemplify a model of religious dissemination rooted in cultural accommodation and poetic expression. Ginān emerges not only as a religious text but also as an important component of Sindh's literary and spiritual heritage. The paper concludes that understanding Ginān is essential for appreciating the pluralistic character of Islamic history in Sindh and the enduring impact of Ismaili missionary engagement in South Asia.*

**Keywords:** *Ginan , Ismaili , Satpanth, Bhakti Triditions, Jam'atkhana, Kafi, Khwajki Sindhi, Satgur Noor, Sangeet Vidya.*

## INTRODUCTION

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جي وفات کان پوه شيعا ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا.هڪ گروه حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام جي هٿ تي بيعت ڪري ڪيس پنهنجو امام مڃيو ," جنهن کي حضرت امام جعفر صادق عليه السلام پنهنجي وڏي فرزند حضرت اسماعيل عليه السلام جي وفات کان پوءِ پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هو. " (1) ، جڏهن ته ٻئي گروه حضرت اسماعيل عليه السلام جي

فرزند حضرت محمد المڪتوب جي بيعت ڪئي ۽ ،" اهڙي طرح هي گروه حضرت اسماعيل عليہ السلام جي نسبت سان اسماعيلي سڏجڻ لڳو. " (2)

هونئن ته اسماعيلين جون ڪيتريون ئي شاخون آهن، پر سندن هيٺيون پنج شاخون عام آهن:
1. فاطمي 2. قرمطي 3. دروزی 4. مستعلي 5. نزاري

ان کان علاوه کين باطني بہ سڏيو ويندو آهي. اهو ان ڪري جو سندن عقيدو آهي ته ،" قرآن جو ظاهر به آهي ۽ باطن به. " (3) ۽ ،" اسماعيلي قرآن جي باطن تي عمل ڪندا آهن. " (4) اسماعيلين جو خيال آهي ته هر هڪ شرعي ڪم جو مقصد باطن آهي ۽ نه ڪي ظاهر، مثال طور: "روزي جو باطن هي آهي تہ مذهب کي ڳجھورکيو وڃي، حج جو باطن امام وٽ پهچڻ آهي ۽ نماز جو باطن امام جي فرمانبرداري آهي. "(5) وڌيڪ سندن چوڻ آهي ته ،" هر ظاهر جو باطن آهي ۽ اهو باطن انهيءَ باطن جو مظهر آهيۦ ڪوبه اهڙو ظاهر ڪونهي، جنهن جو باطن نه هجي. الله تعالي ظاهر ۽ باطن پيدا ڪيا آهن. عالم باطن، عالم ارواح و نفس ۽ عقل آهي ۽ عالم ظاهر، عالم اجسام علوي و سفلي ۽ اعراض آهن. امام ،عالم باطن جو حاڪم هوندو آهي. ڪنهن جي به ظاهر امام جي تعليم ۽ تربيت کان سواء عالم بالا تائين رسائي نٿي ٿي سگهي. نبي، عالم ظاهر ۽ شريعت جو حاڪم هوندو آهي تنهن ڪري بني نوع انسان سندس هدايت جا محتاج هوندا آهن" (6)

اسماعيلين جي اهڙي قسم جي تعليمۦ عقيدا عباسي خليفن کي پاڻ‌ِ نه پيا سندن خوف ۽ شڪ ۾واڌارو ٿيو، ان ڪري عباسي خليفن اسماعيلين تي ڪڙي نظر رکڻ شروع ڪئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اسماعيلين سان عباسي خليفا ڏاڍو ظالماڻو ورتاءُ ڪندا هئا.

عباسي خليفن جي اهڙي سخت هلت ۽ قتل جي ڌمڪين کان بچندي حضرت محمد المڪتوب جو پوٽو حضرت محمد الحبيب، ”جنهن کي احمد ۽ محمد به سڏيو ويندو آهي“ (7) ، بغداد ڇڏي شام جو شهر ”سليمه“ وڃي وسايائين. هتي کيس پنهنجي فرقي جي تبليغ لاءِ آزادي ملي، ان ڪري ٿوري ئي عرصي اندر ڪيترائي ماڻهو پنهنجي دائري ۾ داخل ڪري ورتائين ۽ گڏو گڏ ڪيترائي داعي اسماعيلي فرقي جي دعوت لاءِ مسلمان ملڪن ڏانهن موڪليائين. هڪ داعي تبليغ جي مقصد سان سنڌ ۾ به آيو، جنهن جو نالو عبدالله ابن عمر هباري چاڻايو ويو آهي، جنهن کي ”نزهت الافڪار ۾ “هيثم” به سڏيو ويو آهي. ابو ظفر ندويءَ جي مطابق، “هيثم سنڌ ۾ اسماعيلي فرقي جو پهريون داعي هو، جيڪو سن 270هه ۾ سليمه کان هتي اچي پهتو هو.“ (8). هيثم کان پوءِ ڪيترائي اسماعيلي داعي سنڌ ۾ آيا ۽ ٿورن ئي سالن ۾ چڱو خاصو ڏاڪو ڄمائي ورتائون، ايتري تائين جو سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سوپارا ٿي ويا. هيثم، فاطمي خليفي ”المعز“ جو پروسي جهڙو ماڻهو هو. ان ڪري سنڌ جي حڪومت جون واڳون کيس ئي سونپي ڇڏيائين.

خليفي المعز جي وفات سن 365هه مطابق 975ع ۾ ٿي. ان کان پوءِ سندس فرزند عزيز بالله کي خلافت جي منصب تي ويهاريو ويو. اچڻ سان ئي عزيز بالله ،“هيثم کي معزول ڪري حليم ابن شيبان کي سنڌ جو حڪمران بنايو. ” (9). “حليم ابن شيبان، سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ مذهبي تبليغ جو ڪم زور شور سان شروع ڪري ڏنو ۽ پر پاسي جي هندو راجائن سان لڳ لاڳاپا وڌايا. ” (10)

اسماعيلين جي ٻي مکيه شاخ “دروزي” آهي. دروزين جي سنڌ ۾ حڪومت جي باري ۾ ابو ظفر ندوي لکي ٿو: ،“دروزين جو امام محمد بن اسماعيل، سلطان محمود غزنوي ۽ سلطان مسعود جو همعصر هو. سلطان محمود جڏهن حليم ابن شيبان جي خاندان جي آخري والي ابوالفتح دائود ابن نصير ابن حميد ملتاني کي غزني وٺي ويو ۽ اتي ئي قيد ڪري ڇڏيو هو ته پوءِ سلطان محمود جي وفات کان پوءِ سلطان مسعود انهيءَ خاندان جي ماڻهن کي، جيڪي باقي جيئرا بچي ويا هئا، آزاد ڪري ڇڏيو. واپس ملتان پهچڻ تي هنن ٻيهر حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلايا. انهن مان ابوالفتح دائود جو ڏوهٽو عبدالله سيني ۾ اڳرو هو. مگر فاطمي اسماعيلين ۾ حڪومت ۽ مذهبي عهدو امام جي موڪل کان سواءِ ڪير به حاصل نه ٿي ڪري سگهيو، تنهنڪري عبدالله جي ڪوشش سنڌ جي اسماعيلين جي مرضيءَ جي خلاف هئي. ٻي پاسي انهيءَ وقت مصر ۾ فاطمي خليفو عزيز، خليفي الحاڪم جي پيدا ڪيل سياسي ۽ مذهبي مسئلن ۾ الجهيل هو، تنهنڪري موقعي جو فائدو وٺندي دروزين جي امام سنڌ جي سومرا قوم جي سردار کي ‘شيخ’ جو لقب ڏئي هڪ خط لکيو. ” (11). ان خط ۾ کيس سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ اپاريو ويو هو. خط ملڻ کان پوءِ ،“سومرا ويهارو سال کن ڪوشش ڪندا رهيا ۽ آخرڪار سلطان عبدالرشيد جي زماني ۾ سن 421 هجري ڌاري سنڌ تي حڪومت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ ’سومرا‘ نالي هڪ سومري کي حڪمران بنايائون. ” (12) ۽ اهڙي طرح سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

**اسماعيلي مبلغ ۽ سندن مذهبي شاعري :**

.سومرن جي دور ۾ ڪيترائي اسماعيلي مبلغ سنڌ ۾ آيا هئا ، تن مان مکيه مبلغن جو ذڪر سندن شعري خدمتن سميت هيٺ ڏجي ٿو:

**سيد نورالدين :**

سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ اسماعيلين ۾ سخت مذهبي اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ نتيجي ۾ هڪ ٻي شاخ وجود ۾ آئي، “ جنهن کي نزاري چيو وڃي ٿو.” (13). “ انهن اختلافن جي ڪري نزارين پنهنجي تبليغ جو مرڪز مصر مان منتقل ڪري ايران ۾ آندو، جتان سيد نورالدين اسماعيلي فرقي جي ارڙهين امام المستنصر بالله جي حڪم تي ، سن 1079ع ۾ سنڌ ۾ آيو. ” (14)

سيد سگورو، اچڻ سان پاڻ کي سنڌ ۽ گجرات ۾ ،‘‘سيد السادات ۽ ست گر نور جي لقبن سان سڏائڻ لڳو. ” (15). هن بزرگ ٺوري ئي عرصي ۾ مقامي ٻولين جهڙوڪ هندي، گجراتي، سرائڪي، ڪڇي ۽ لاڙي سکي ورتيون ۽ کين پنهنجي تبليغ جو ذريعو بڻايو ۽ ،‘‘پنهنجي مسلڪ جو نالو ’ست پنٿ‘ رکيائين. ” (16). ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترائي غير مسلم سندس تعليمات کان متاثر ٿي مسلمان ٿيڻ لڳا. “ انهن نومسلمن کي مذهب جا عقيدا ۽ اصول سيکارڻ لاءِ، هڪ خاص نظم يعني ’گنان‘ متعارف ڪرايو. ” (17). نه فقط اهو پر ‘‘پنهنجي گنانن کي ڳائڻ جو رواج به وڌائين .” (18). سيد نورالدين پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي، هندي ۽ گجراتي جا لفظ استعمال ڪيا آهن. سندس ڪلام جو نمونو، جيڪو هٿ اچي سگهيو آهي، سو هي آهي:

1. بن علمي بندگي ڪري، تون بندگي سچي سار

جيون نت اٹ راهہ چلٹا ، آخر اجڙ واس (19)

2. ٻگھ، هنس ٻي ٻتونترا ، ڏسي ايڪ ورڻ

ٻگھہ چري من مانيو ، هنس موتي چرن. (20)

هن دوهي ۾ سنڌي زبان جو هڪ به اکر مس آيل آهي ، باقي سمورا لفظ گجراتي ٻوليءَ جا استعمال ڪيا ويا آهن.

**پير شمس الدين سبزواري**

اسماعيلي نزارين جي 29 هين امام قاسم شاهه جي حڪم تي، پير شمس الدين سبزواري، مبلغ جي حيثيت سان سن 675 هجري مطابق 1176ع ۾ هتي آيو ۽ تبليغ ۾ مشغول ٿي ويو.، "پنجاب ۽ سنڌ جي لوهاڻن سندس مريدي قبول ڪئي" (21). تبليغ جي مقصد خاطر هن امام قاسم شاهه جي واکاڻ ۾ 28 پچن ٺاهيا هئا، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

مانو قاسم شاهہ نور نبي ري غافلو، آل امام ڪل مانهين

تيني ڪلائي اي او يار غافلو ، اي پير شمس سو هي

ماٹون پتر سون شون هنوري هندو

ڪيڪ نگري مان رهي چپي ري هندو

اوڙ ڪونر قاسم شاهہ اوتار

تي صـــاحـــب در داتـــار

گر بي چي ڪائين جو تو ديو

پواني چي ڪهان ري بول؟

گر بي ڪي ديو ڪجهہ جوٹي نهين

پواني ڪا پتا ڪهان هي ؟ (22)

پير شمس الدين سبزواري پنهنجي اسماعيلي تبليغ ۾ وڏي حد تائين ڪامياب ويو. ملتان ۾ پنهنجن مريدن جو هڪ وڏو حلقو بنائي، پوءِ هو ،" ديبل پهتو، جتي هزارن جي انگ ۾ سنڌي سندس مريد ٿيا." (23). " تنهن ڏينهن ۾ شهزادو سلطان محمد ملتان ۽ سنڌ جو حاڪم هو"(24) . سنڌ ۾ ترسڻ دوران هن سنڌيءَ ۾ به ڪلام چيو، جنهن ۾ ملتانيءَ جا لفظ به استعمال ڪيا اٿائين. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هن ريت آهي:

رب تـــون رحمـــان تـــون

يا علي اول آخر قاضي تون ئي تون

حق تون پاڪ تون، بادشاهہ

مهربان پلي يا علي، تون ئي تون (25)

ڪجهه عرصو سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ پير شمس الدين سبزواري واپس ملتان موٽي آيو، جتي "شمسي مت" جي پچنن جو پرچار ڪرڻ لڳو. جيئن هڪڙي پچن ۾ چوي ٿو :

من ميرا مصلي اور الله ميرا قاضي

ڪايا هماري مسيتيان

اندر بيٺ مين نماز گذارون

مورک ڪيا جاني طاعت هماري (26)

پنهنجي عمر جو خاصو حصو دعوت ۽ تبليغ ۾ گذاري، پير شمس الدين سن 757 هجري ڌاري ملتان ۾ وفات ڪئي. سندس روضو ملتان شهر منجهه ئي آهي.

**پير صدرالدين**

سن 771 هجري ۾ امام قاسم شاهه وفات ڪئي ۽ سندس فرزند اسلام شاهه ايران ۾ گادي نشين ٿيو. امام اسلام شاهه پنهنجي پاران پير صدرالدين کي "وصي محمد" جو لقب ڏيئي سنڌ ڏانهن دعوت ۽ تبليغ لاءِ روانو ڪيو. "پير صدرالدين سن 700 هجريءَ ۾ سبزوار ۾ پيدا ٿيو هو. سندس والده ماجده جو نالو نور فاطمه بنت سيد ابراهيم سبزواري هو"(27).

پير صاحب جو حسب نسب حضرت علي ڪرم الله وجهه جن سان وڃي ملي ٿو. سندس شجرو هن طرح آهي :

" **سيد صدرالدين بن سيد شهاب الدين بن سيد نصيرالدين بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد اسلام الدين بن سيد مومن شاهه بن سيد خالدالدين بن سيد مشتاق الدين بن سيد احمد بن سيد هاشم بن سيد مسافر بن سيد امام الدين بن سيد محمد بن سيدنا و امامنا اسماعيل بن امام جعفر الصادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن امام حسين عليه السلام بن حضرت علي عليه السلام.**"(28)

پير صدرالدين پنجاب، ڪشمير ۽ سنڌ ۾ تبليغ ڪندو رهيو ۽ سندس دعوت کان متاثر ٿي ڪيترائي غير مسلم مسلمان ٿيڻ لڳا، " جن کي **خواجه** جو لقب ڏنو ويو"(29). "هندستان ۾ ڪجهه عرصو رهڻ ڪري هندو ڌرم جوڳوڙ هو اپياس ڪيو هئائين"(30) ".هندن سان ايترو ته رلي ملي ويو جو، "پاڻ تي هندو نالو رکيائين ۽ هندو ڌرم جي مناسبت تي هڪڙو ڪتاب دسا اوتار يعني ڏهه اوتار لکي ورتائين جنهن کي شروعات کان ئي خواجه آسماني ڪتاب مڃڻ لڳا. هن ڪتاب ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن کي 'برهما'، حضرت علي ڪرم الله وجهه کي 'وِشنو' ۽ حضرت آدم عليه السلام کي 'شِو' ڏيکاريل آهي، "(31)

پير صدرالدين،" سومرن جي حڪومت جو پويون اڌ ۽ سمن جي حڪومت جو پهريون اڌ ڏٺو. سنڌ ۾ سندس دعوت جو

مرڪز ڪوٽڙي الله رکيو شاهه (تعلقو گهوڙاٻاري) هو، جتان پاڻ ڪڇ، گجرات ۽ ملتان طرف ويندو هو" (32). "پنهنجي عمر جو ڪافي حصو دعوت ۽ تبليغ ۾ گذاري، سن 819 هجري ۾ وفات ڪيائين، سندس مزار اُڇ شريف جي پرسان آهي"(33)

**پير صدرالدين جون علمي ۽ ادبي خدمتون**

پير صدرالدين وڏو عالم ۽ فاضل هو. سندس علمي لياقتن جي ڪري ڪيترائي هندو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۾ اچڻ کان ستت پوءِ ، ڪيترين ئي ٻولين، جهڙوڪ: سنڌي، هندي، گجراتي، لاڙي، سرائڪي، سنسڪرت وغيره سکي ورتيون هئائين. ان ڪري سندس تبليغ ڪرڻ ۾ سهولت رهندي هئي. پير صدرالدين نه فقط وڏو پارڪو هو، پر اعليٰ پايي جو شاعر پڻ هو، "سندس ڪلام سنڌي (ڪڇي ۽ لاڙي لهجن)، گجراتي، سرائڪي (ملتاني لهجي) ۽ هنديءَ ۾ ملي ٿو".(34) پنهنجي ڪلام ذريعي نو مسلمن (خواجن) کي اسلامي عقيدا ۽ اصول سيکاريندو هو،"سندس ڪلام کي **گنان** چيو ويندو آهي ۽ سندس گنانن جي هيئت سنڌي ڪافي جهڙي آهي".(35) "سندس هر ڪلام جي شروعات هڪ مصرع واري ٿلهه سان ٿئي ٿي. ٿلهه کان پوءِ هر بند ۾ دوهي وانگر ٻه مصراعون آهن. هر بند کان پوءِ ٿلهه وراڻيءَ طور چيو ويو آهي. هن بزرگ جي ڪلام جو دارومدار راڳداريءَ تي آهي. جماعت خانن ۾ سندس ڪلام توڙي ٻين بزرگن جو ڪلام باقاعدگيءَ سان ڳايو ويندو آهي".(36) سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

**گنان پهريون :**

(اي جي) اٿي الله نه گهرين بندا ، تون ستين سچي رات

نه ڪا جهوري جيو جي (ٻانها) ، نڪو سمر ساٿ

شاھ جو مجيئڙو تني کي، جيڪي صبوحڙي جاڳن.
صبوحڙي نه جاڳن، تني کي حورون نه ڏين هٿ
سي هاء هاء ڪندا هٿ هٽندا ، جيئن هاري وڃائي وٿ
شاھ جو مجيئڙو ...

ٻانها تونجو تڪيو (يار) ڪندن ۾ ڪيو،
جڏين سچاٽو سُور ڪئين (يار) تڏين سمريو
شاهه جو مجيئڙو....

جيڙو ني تيڙو اگهيو (يار) هوند ڪتيائين،
پوءِ سپاٽي سرتين وچ، ملي مرڪيائين
شاهه جو مجيئڙو...

ڪوٺا منڊپ ماڙيون، گهر گهوڙا پنڊار ،
ڪين نه نيا پاڻ سين، جيو چلنتي وار ،
شاهه جو مجيئڙو...

پٽي پير صدرالدين، آئين سُٹو مومن وير ،
الڪ چُٹو تني کي، جي سچاتو شاهه پير ،
شاهه جو مجيئڙو....

**گنان ٻيو:**
پائر پاڳا مَ ٽڙو (ائين) مَ ٻوليو اڙپ،
هن شاهه جي پيار ٿي، تڙ وچوٽي لج،
سُڻ وٽجارڙا (هو) يار، هي من هروئڙو ٿو جهولي.
يار چکي ڪڙوي ول
تا تو جي جيو جو جوکو نه ٿئي،
سُڻ وٽجارڙا (هو) يار....

ڪچي ماپي مئيندڙا (يار) ، ڪوڙي تولي ڏين،

هي تني جي وڪرڙي، ٻڍي سا سائين،
سُڻ وڻجارڙا (هو) يار....

پڪي ماپي مئيندڙا، پوري تولي ڏين،
هي تني جي وڪرڙي، صحيح سلامت نين
سُڻ وڻجارڙا (هو) يار....

تون وڻجارو ويرا لئي، اڇا وڻج ڪريج،
تون ني ڪين ڪي مَ ڏوتيئين، پاڻ ڏوتائيج
سُڻ وڻجارڙا (هو) يار....

تون وڻجارو ميدني ڪوٺا تو اڏائيئين،
صحيح سپوڙو ساٿڙو، ساٿ نه سنپاريئين
سُڻ وڻجارڙا (هو) يار....

ڪيڙيون اڏائين گڊ ، ماڙيون (تين تي)، ڪيڙا پائيئين چٿ،
نيئي ڌريندءِ ڌوڙ ۾ ، متان لتون (ني) ڏيندي مٿ،
سن وڻجارڙا (هو) يار

تانگي مٿي ترهو، تاٽي تو به ٻڌو،
جڏين ني لهرئين لوڙيو، تڏين ٿو سنپاريئين،
سن وڻجارڙا (هو) يار

ٻيڙي (ني)ٻوئي تڙ تي، علي سڌ ڪندي،
گهر پريو تو جي پاندئي ، سيئي نه هلندي ساٿ،
سن وڻجارڙا (هو) يار

نوواٺا نرڪي، ڏهون تون ساري ڏيج،
تون (ني) توجي ايمان سين، صحيح سلامت ڏيج،
سن وڻجارڙا (هو) يار

روڙو (ني) ڳڌ امراپوري، پائر پاڱا پير

ٻار ڪروڙئين شاهه نزار چڙهي، صحيح چاٽو صدرالدين،

سن وڻجارڙا (هو) يار (38)

مٿين ڳنانن ۾ تصوف ۽ روحانيت جو چڱو خاصو عنصر موجود آهي. ڳڏوڳڏ دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. ان کان سواءِ پاڻ ڪوڙ، ڪپت ۽ ٻيائيءَ کي دل مان ڪڍڻ ۽ نفس جي غلاميءَ کان بچڻ جي هدايت ڪئي اٿائين ۽ پنهنجي زندگي خدا پاڪ جي بندگيءَ ۾ گذارڻ جو فرمايو اٿس.

**سنڌي صورتخطي:**

پير صدرالدين نو مسلمن کي ديني اصول لکي ڏيڻ خاطر هڪ نئين صورتخطي ايجاد ڪئي، جيڪا چاليهن اکرن تي ٻڌل آهي، ان ڪري ان کي "چاليهه اکري" يا "خواجڪي سنڌي" چيو ويندو آهي. "ان رسم الخط جو هڪ ڇاپخانوبه هو، جنهن کي "سنڌي پريس" چيو ويندو هو.،" (39). اهو رسم الخط سنڌ، گجرات ۽ پنجاب تائين اسماعيلين ۾ رائج ٿي ويو. "سڀني پيرن جا ڳنان هن صورتخطيءَ ۾ لکيا ويا . اهو رسم الخط اڄ به خواجه جماعت ۾ رائج آهي. " (40)

**پير حسن ڪبيرالدين :**

پير حسن ڪبيرالدين، پير صدرالدين جو وڏو فرزند هو. سندس جنم سن 742 هه ۾ ٿيو ۽ وفات سن 853 هه ۾ٿي .

ملتاني ، سنڌي، ڪڇي ۽ گجراتي ٻولين ۾ سندس ٿورڙو ڪلام موجود آهي. سندس ڪلام مان ٻه بند هيٺ ڏجن ٿا:

(1) آشا جي شري اسلام شاهه تختيج بيٺا،

تاري دين هوالرحمان جي،

سر بند لئي، منڪي ديد ها،

تاري سر اگهاڙ ڪر نر بيٺا (41)

**ترجمو :** جڏهن کان حضرت اسلام شاهه تخت تي ويٺو، تڏهن کان ڌڻيءَ جي دين جو فرض جاري ٿيو. (پير حسن ڪبيرالدين) جڏهن امام کي پڳ نذرانو ڪئي، تڏهن پاڻ مرد مٿو اگهاڙو ڪيوويٺو هو.

(2) ناريون تمهاريون آنتي گهٽيون،

منجهه سريکيون لاکوئي لاک، تمهين هئه الک نرنجن،

هم چيئي درڙي خاڪ (42)

**ترجمو:** تنهنجون ٻانهيون ته تمام گهڻيون آهن. مون جهڙيون ته لکين جي تعداد ۾ آهن. تون ڌڻي کان پاڪ آهين ۽ آءُ ته خاڪ آهيان.

پهرين بند ۾ "سر اگهاڙو" وارو محاورو سنڌي جو آهي ۽ ٻئي بند ۾ "گهڻيون" ۽ "منجهه" به سنڌي لفظ آهن. ٻئي بند جي پهرين ٻن مصرعن وارو مضمون، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح هن طرح بيان فرمايو آهي:

تو ور وهون ڪيتريون، مون ور تون ئي تون. (43)

**پير تاج الدين عرف شاهه طريل :**

پير تاج الدين عرف شاهه طريل ، پير صدرالدين جو ٽيون نمبر فرزند هو.، " پاڻ سمن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ تبليغ ڪندو هو. سندس تبليغ جو مرڪز " ٺٽيءَ " جو شهر هو" (44). اسماعيلي فرقي جي تبليغ لاءِ "ڳنان" کي ذريعو بنايائين. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

(1) ڏيئي گر کي واچا، هي جي ٿرنه رهيٽا،

تن سان کهيٽا نه ڪيجي

(2) گنان نه ريجهن، گر جي وائڪي نه پورا،

ڪيا ڪرٽا اُس ڪا جيئا

(3) ورڻ چتريس، سر هيتالي پاڪيئا،

هيرا ڪاني نه سٽن

(4) انڌلي ڪون نظر (يارا) چندر نه آوي،

ڪهيٽا توءِ نه پتيجي.

(5) نس انذاري، گر چاند روڙي هئيڙا،

جوت آهي گر ڏيوو.

(6) هيٽي وڪري سون وٽج نه ڪيجي،

ڪيا ليجي (ني) ڪيا ڏيجي.

(7) ماڻڪ چوڙي جي، وجي ڪچ وٽجن،

تن ساڻ وٽج نه ڪيجي.

(8) ماڻڪ پرکي هي جي، ماڻڪ وٽجن،

ماڻڪ تس چٽي ليجي.

(9) گهر سر وڏايون، مولئِ تختيج بيٺا ،

واري ڪيرو پرک سريوو.

(10) پرک پاڇمي، مولئِ تختيج بيٺا،

واري ڪيرو مرد سريوو.

(11) بوليا پير شاهه تاج الدين ڪي اماميو،

ڦل سچا (يارا) مومن ليجو. (45)

پير صاحب جي شاعريءَ تي گجراتي ٻوليءَ جو وڏو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**گنان تي هڪ سرسري نظر :**

هن شاعريءَ کي "سپ کان پهرين پير صدرالدين پنهنجي تبليغي ڪلام کي 'گنان' جو نالو ڏنو، جيڪو گيان جي بدليل صورت آهي." (46). " گنان هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن کي 'سنگيت وديا' يا راڳداريءَ موجب ڪافيءَ جي صنف چئي سگهجي ٿو." (47). " گنان مسلسل نظم آهن، جن ۾ هر بند دوهي جي سٽاءَ جهڙو آهي ۽ اهڙا ڪيترائي بند گنان ۾ اچن ٿا. شروع ۾ وراڻي ٿئي ٿي ، جيڪا هر بند کان پوءِ وري وري دهرائجي ٿي. وائيءَ جي بناوت به لڳ ڀڳ هن قسم جي نظم جهڙي آهي، ان مان پائنجي ٿو ته سنڌ ۾ وائيءَ جي سٽاءَ جهڙي صنف موجود آهي." (48)

اسماعيلي مبلغن پنهنجن گنانن ۾ گهڻو ٺٽوڪچي ۽ لاڙي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي. سندن ڪلام ۾ "تي"، "جي" ۽ "سون" لفظ گرامر جي لحاظ کان به انوکا آهن. مثال طور :

"ست پنٿي تي جي ست سون رهي، برو نه راکي من."

هن مصرع ۾ "تي" ۽ "جي" لفظ ظرف طور ڪم آيا آهن. ساڳئي طرح "سون" لفظ حرفِ جر (سان) طور ڪم آندو ويو آهي.

" پهريان ٻئي (تي ۽ جي) ساڳيءَ ترڪيب سان، گهڻوپوءِ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به نظر اچن ٿا. " (49). مثال طور:

" اچيو آتڻ واريون، طعنا ڏينم تي"

ان ڪان سواءِ " اسماعيلي مبلغن جي گنانن ۾ 'سان' حرفِ جر جي بدران 'سون' لفظ حرفِ جر طور ڪم آندو ويو آهي. ممڪن آهي ته هن خطي ۾ 800 يا 1000 ورهيه اڳ 'سان' جي بدران 'سون' حرفِ جر طور ڪم ايندو هجي." (50)

مضمون جي لحاظ کان گنان ۾ مذهبي تعليم، اخلاقي سکيا ۽ دنيا جي فاني هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ گنانن ۾ تصوف ۽ روحانيت جا اصول ۽ طريقا به سيکاريا ويا آهن،" ان ڪري جو اسماعيلي مبلغ صوفي هئا." (51). انهيءَ کان سواءِ، "عاشقاڻو مضمون بيان ڪندي، عورت جي روپ ۾ سالڪ بڻجي محبوب لاءِ ورلاپ ڪيا اٿن." (52)

**نتيجو:**

هن مضمون مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ اسماعيلي داعين جي آمد صرف مذهبي تبليغ تائين محدود نه هئي، پر اها هڪ گهڻ رخي سماجي، ثقافتي ۽ ادبي تحريڪ به هئي. اسماعيلي داعين سنڌ جي مقامي ٻولي، روايتن ۽ روحاني مزاج کي سمجهي، پنهنجي فڪر کي "گنان" جهڙي شاعراڻي ۽ علامتي صنف وسيلي عام ماڻهن تائين پهچايو. گنان رڳو مذهبي شاعري نه، پر فڪر، عقيدي، اخلاق ۽ روحاني تربيت جو هڪ مڪمل نظام هو، جنهن سنڌي سماج تي گهرو اثر ڇڏيو.

گنان جي ٻولي ۽ اسلوب سنڌ جي لوڪ روايتن، ڀڳتي تحريڪ ۽ صوفيانه فڪر سان گهرو لاڳاپو رکن ٿا. ان ذريعي اسماعيلي عقيدن جهڙوڪ: امام، نور، تاويل ۽ نجات جي تصور کي اهڙي سادي ۽ دلڪش صورت ۾ پيش ڪيو ويو، جو اهي عام ماڻهن جي دلين ۾ لهي ويا. اها حڪمت عملي اسماعيلي داعين کي سنڌ جهڙي گهڻ مذهبي ۽ گهڻ ثقافتي سماج ۾ قبوليت ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي.

هي مضمون اهو به واضح ڪري ٿو ته گنان سنڌ جي ادبي ورثي جو هڪ اهم حصو آهن. انهن نه رڳو اسماعيلي جماعت جي روحاني سڃاڻپ کي مضبوط ڪيو، پر سنڌي شاعري ۽ فڪر کي به نوان موضوع، استعارا ۽ علامتون ڏنيون. اڄ به گنان جماعت خانن ۽ روحاني گڏجاڻين ۾ پڙهيا وڃن ٿا، جيڪي هن روايت جي زنده هجڻ جو ثبوت آهن.

آخر ۾ چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ اسماعيلي داعين ۽ گنان جي روايت مذهبي هم آهنگي، ثقافتي ميل جول ۽ روحاني رواداري جو هڪ روشن مثال آهي. گنان کي سمجهڻ نه صرف اسماعيلي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي، پر سنڌ جي مجموعي مذهبي، ادبي ۽ روحاني سڃاڻپ کي سمجهڻ لاءِ به انتهائي اهم آهي.

**حوالا :**

(1) ٻٽي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو،"مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، فيبروري 1988ع ، ص: 180.

(2) ايضاً، ص: 181

(3) ايضاً، ص: 181

(4) يضاً، ص: 182

(5) ايضاً، ص: 182

(6) ايضاً، ص: 183

(7) ايضاً، ص: 183

(8) ندوي، ابوظفر، "تاريخ سنڌ"، مطبع معارف، اعظم ڳڙهه، 1947ع، ص: 199

(9) ٻٽي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو،"مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، فيبروري 1988ع ، ص: 184.

(10) ايضاً، ص: 184

(11) ندوي، ابوظفر، "تاريخ سنڌ"،مطبع معارف، اعظم ڳڙهه، 1947ع، ص: 28

(12) ندوي، سيد سليمان ، "عرب و هند ڪي تعلقات" ،هندستاني اڪيڊمي، الله آباد ، 1928ع، ص: 362

(13) پٺي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو،"مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، فيبروري 1988ع ، ص: 184

(14) Misra, S.C,"Muslim Communities in Gujrat,", Asia Publication House, London, 1963, P.57

(15) Ibid, P.57

(16) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" عجائب اسٽور، سکر، 1976ع، ص: 24.

(17) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ڄامشورو 1977ع، ص: 172.

(18) ايضاً، ص: 172.

(19) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" عجائب اسٽور، سکر، 1976ع، ص: 24.

(20) ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ، لاڙڪاڻو، 1976ع، ص: 29.

(21) مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1959ع، ص: 274.

(22) ايضاً، ص: 274.
(23) ايضاً، ص: 274.

(24) ايضاً، ص: 274.

(25) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ، عجائب اسٽور، سکر 1976ع، ص: 24.

(26) مولائي شيدائي،رحيم داد خان "تاريخ تمدن سنڌ" ، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 1959ع، ص: 275.

(27) ايضاً، ص: 275.

(28) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1977ع، ص: 194.

(29) ايضاً، ص: 195.

(30) ايضاً، ص: 195.

(31) نجم الغني، مولوي، "مذاهب اسلام" اسٽيم پريس ، لاهور 1904ع، ص: 324

(32) چنارا، علي محمد، "نور مبين"، بمبئي، مطبع فخرالمطابع، بمبئي، 1961ع ص: 496

(33) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ" ، سنڌالاجي ،ڄامشورو 1983ع، ص: 48.

(34) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1977ع، ص: 195.

(35) جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، مقالو: "قديم سنڌي شعر تي هڪ نظر" ، "سوکڙي" مخزن، ڄامشورو، ص: 76

(36) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1977ع، ص: 196.

(37) ايضاً، ص ص : 97_196

(38) ايضاً، ص ص : 98_197

(39) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ" ، سنڌالاجي ،ڄامشورو 1983ع، ص: 50.

(40) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي " ، سنڌي زبان پبليڪيشن ،حيدرآباد ، 1964ع، ص: 4.

(41) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ" ، سنڌالاجي ،ڄامشورو 1983ع، ص: 65.

(42) ايضاً، ص: 65.
(43) ايضاً، ص: 66.

(44) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1977ع، ص: 198.

(45) ايضاً، ص ص : 99_198

(46) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" عجائب اسٽور، سکر، 1976ع، ص: 25.

(47) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1977ع، ص: 173.

(48) ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" عجائب اسٽور، سکر، 1976ع، ص: 25.

(49) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي ، ڄامشورو، 1977ع، ص: 174.

(50) ايضاً، ص: 174.
(51) ايضاً، ص: 172.

(52) ايضاً، ص: 172.